# معلومات مصطفيٰ ﷺ

مصطفيٰ حسين ڪلهوڙو
تاڳڙائي

www.ripri.pk

dr.mustafakalhoro@gmail.com

# ٻہ اکر

نحمده و نصلي علي رسولہ الڪريم
اڄڪلھ دنيا ۾ اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جي ڪمي ڪانہ آهي پر اهي ڪي تمام ٿورا آهن، جن جي زبان ۽ قلم اسلام جي لاءِ وقف هجي. هي بيحد خوشي ۽ مسرت پيري ڳالھ آهي تہ اسان جي نوجوانن ۽ نونهالن ۾ دين اسلام جي محبت ۽ محنت وڌندي رهي ٿي. درحقيقت انسان جو ۽ خصوصن مسلمان جو نہ اهو ئي سرمايو آهي ۽ عزيز زندگي جو متاع گرانمايہ آهي.

الدنيا مزرعتہ الاآخره (حديث)
ترجمو: دنيا جي آخرت جي پوک آهي.

خادم العلم مصطفيٰ حسين جو بفضل ربي تعاليٰ شروعات ڪان وٺي پنهنجي پياري ۽ محبوب دين ان گهرو لڳاءُ رهيو آهي، روز مره جي ديني زندگي سکڻ ۽ سيکارڻ جو منجهس پرپور جذبو رکيل آهي. الله جل شانہ شال کيس استقامت عطا فرمائي ۽ شال سندس هي تحفو مسلمان پائرن جي دين ۽ دنيا جي رهنمائيءَ لاءِ مشل راھ بڻجي. (آمين)
العبد المحتاج اليٰ رحمت الله

علي مدد
ابن مرحوم
محمد پريل منگٽيجو

# سندي طرفان

رهين مغرور ٿو ڇا تي جو دنيا دم گذر آهي
پلو آهين جي پائين ٿو تہ دنيا تنهنجو گهر آهي
مٺي هيءَ عمر بيشڪ آ پر ڪهڙي بقا هن کي
ڏسين هر روز پيو هلچل سين آڏو سفر آهي
بقا الله کي آهي بقا ٻي چيز کي ناهي
چوي ”مصطفيٰ“ کولي نہ دنيا پل پهر آهي

الله تعاليٰ هر هڪ انسان ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ صلاحيتون پيدا ڪيون آهن، ڪي انسان انهن جو اظهار زبان سان ڪندا آهن تہ ڪي وري قلم سان بہ ڪندا آهن. الله تعاليٰ مون کي هن ننڍي عمر ۾ پياري ۽ محبوب دين اسلام سان محبت جي توفيق عطا فرمائي آهي. مان جيئن ئي هن سال (1987ع) هاءِ اسڪول رپڙي جي زندگي کان فارغ ٿيس تيئن ئي منهنجي ذهن ۾ اها سوچ آئي تہ پنهنجي ننڍڙي دماغ مان ڪو ديني تحفو پنهنجي مسلمان ڀائرن کي ڏيان

۽ سوچيم تہ هيءَ زندگي برف مثال آهي، جيڪڏهن ان مان فائدو نہ ورتو ويو تہ رجي پاڻي ٿي ويندي. گهڻي سوچ ويچار ڪانپوءِ نيٺ ڪتاب ”معلومات مصطفيٰ ﷺ“جو انتخاب ڪيم. ڇاڪاڻ تہ پاڻ ڪريم جن جو ذڪر باعث برڪت ۽ تسڪين آهي.
بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر.

شال هي ننڍڙو ڪتاب مون لاءِ دارين جي فلاح جو باعث بڻجي پوي ۽ عام مسلمانن جي لاءِ رهنمائي ۽ رهبري ثابت ٿئي.
جيڪو سختين جو ڀوڳ ڀائي ٿو،
اهو ئي خوشين جو جوڳ پائي ٿو.

هن ڪم ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي ٿي نہ ڪنهن جوان ڪم ڪيو آهي ۽ نہ ڪنهن پوڙهي تاهم بہ ڪن بزرگن جو همت افزائي ۽ نيڪ مشورن لاءِ سندن ممنون و مشڪور آهيان. ان سان گڏ آئون پنهنجي اساتذه ڪرام جو وڏ ۾ وڏ احسانمند آهيان ۽ ائين ضرور چوندم تہ هي انهن جي علم ۽ دعا جو نتيجو آهي.

آخر ۾ قارئين ڪرائم جي خدمتن ۾ التماس آهي تہ منهنجي ڪم سنئي ۽ عملي ڪوٺ ڪي مد نظر رکندي هن ڪتاب ۾ ڪابہ غلطي ڏسن تہ مهرباني ڪري منهنجي رهنمائي فرمائين تہ جيئن آئينده اشاعت وڌيڪ موثر ۽ صحيح رهي.(آمين)

خادم العلم
مصطفيٰ حسين
ابن
محمد منل ڪلهوڙو
ٺاڳڙو

سوال1: حضرت محمد ﷺ دنيا ۾ ڪڏهن تشريف فرما ٿيا؟
جواب: سومر 20 اپريل 571ع، 12 ربيع الاول سن امام الفيل.
سوال 2: حضرت محمد ﷺجي والد سڳوري جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت خواجہ عبدالله
سوال 3: حضرت محمد ﷺجي والده سڳوري جو نالو ٻڌايو؟
جواب: بي بي آمنہ
سوال4: حضور ﷺجي نانيءَ نالو ٻڌايو؟
جواب:برة
سوال 5: حضور ﷺجي ناني جو نالو ٻڌايو.
جواب: وهب
سوال6: حضور ﷺجي ڏاڏي جو نالو ٻڌايو؟
جواب: عبدالمطلب
سوال:حضور ﷺ جي ڏاڏيءَ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: فاطمہ بنت عمره
سوال 8: ٻڌايو تہ حضور ﷺجو چهرو مبارڪ ڪهڙي پيغمبر ملندو هو؟
جواب: حضرت ابراهيم عليہ السلام
سوال 9: حضور ﷺجي ڪنيت ڪهڙي هئي؟
جواب: ابوالقاسم.
سوال 10: ٻڌايو تہ حضرت جبرائيل عليہ السلام حضور ﷺجي ڪهڙي ڪنيت رکي؟
جواب: ابو ابراهيم
سوال 11: حضور ﷺ جن تي محمد نالو ڪنهن رکيو؟
جواب: سندن ڏاڏي عبدالمطلب
سوال 12: حضور ﷺ جي نالي سان ﷺلکيو وڃي ٿو، ان جي ڇا معنيٰ آهي؟
جواب: هن تي خدا جو درود رحمت ۽ سلام هجن.
سوال13: حضور ﷺجي رضائي والده جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت حليمہ سعديہ رضہ
سوال 14: ٻڌايو تہ حضور ﷺجي والد جي وفات سندن پيدائش کان اڳ ٿي يا پوءِ؟
جواب: پيدائش کان اڳ.

سوال15: حضور ﷺجن پهريون تجارتي سفر ڪهڙي ملڪ ڏانهن ۽ ڪنهن جي بعيت ۾ ڪيو؟
جواب: شام ملڪ، سندن چاچي حضرت ابو طالب سان گڏ.
سوال 16: ان وقت سندن عمر مبارڪ ڪيتري هئي؟
جواب: اٽڪل 9 سال.
سوال 17: جڏهن حضور ﷺ جي والده ماجده جي وفات ٿي تڏهن سندس عمر ڪيتري هئي؟
جواب: 6 سال
سوال18: جڏهن حضور ﷺجن خديجہ رضہ سان نڪاح ڪيو، ان وقت حضور ﷺ جي عمر ڪيتري هئي؟
جواب: 25 سال، 2 مهينا 10 ڏينهن.
سوال 19: ٻڌايو تہ ان وقت حضرت خديجہ رضہ جي عمر ڪيتري هئي؟
جواب: 40 سال.
سوال 20: حضرت خديجہ رضہ جي پيءُ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: خويلد
سوال 21: حضرت خديجہ رضہ جو تعلق ڪهڙي قبيلي سان هو؟
جواب: قريش جي بنو سعيديہ قبيلي سان.
سوال22: حضور ﷺجن کي نبوت ڪيترن سالن جي عمر ۾ ملي؟
جواب: 40 سالن جي عمر ۾
سوال23: حضورﷺتي پهرين وحي (خدائي حڪم) ڪٿي نازل ٿي؟
جواب: غار حرا ۾.
سوال 24: پهرين وحي پهچائيندڙ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت جبرائيل عليہ السلام.
سوال25: ٻڌايو تہ حضورﷺجي ازواج مطهره جو تعداد ڪيترو آهي؟
جواب: (يارهن) 11
سوال 26: حضورﷺجن صاحبزادن جا نالا ٻڌايو؟
جواب: (1) حضرت قاسم رضہ، (2) حضرت عبدالله رضہ (3) حضرت ابراهيم رضہ
سوال 27: حضورﷺجي صاحبزادين جا نالا ٻڌايو؟
جواب: (1) حضرت زينب رضہ (2) حضرت رقيہ رضہ (3) حضرت امہ ڪلثوم رضہ (4) حضرت فاطمہ رضہ
سوال 28: حضورﷺسڀ کان پهرين ڪهڙي جنگ ۾ حصو ورتو؟
جواب: جنگ حجاز ۾
سوال 29: جنگ حجاز ۾ حضورﷺ جي عمر ٻڌايو؟

جواب: اٽڪل 13 سال.
سوال 30: حضورﷺڪيترين جنگين ۾ شريڪ ٿيا؟
جواب: 27 جنگين ۾.
سوا ل 31: جڏهن ڪوهه صفا تي حضورﷺجن اسلام جي عام دعوت ڏني تہ انهيءَ وقت حق جي ڪنهن مخالفت ڪئي؟
جواب: ابو لهب
سوال 32: حضورﷺجن جي آخري منڪوحہ ڪهڙي هئي؟
جواب: حضرت ميمونہ بنت حارث.
سوال 33: حضورﷺجن جا ڏند مبارڪ ڪهڙي جنگ ۾ شهيد ٿيا؟
جواب: احد جنگ ۾
سوال34: ٻڌايو تہ ڪهڙي غزوه ۾ حضورﷺ جن روم ۽ ايران جي فتح ٿيڻ جي بشارت ٻڌائي؟
جواب: غزو خندق ۾.
سوال 35: حضورﷺ شعيب ابي طالب گهاٽي ۾ ڪيترو عرصو رهيا؟
جواب: اٽڪل ٽي سال.
سوال 36: ٻڌايو تہ حضورﷺغار ثور ۾ ڪيترا ڏينهن ۽ راتيون قيام ڪيو؟
جواب: ٽي ڏينهن، ٽي ڏينهن راتيون.
سوال 37: حضورﷺپهرين نماز ڪهڙي ڏينهن ۽ ڪهڙي تاريخ پڙهي؟
جواب: پهرين شوال، 2 هجري اڱاري ڏينهن.
سوال 38: الطيبات ۽ والطبين ڪنهن کي چوندا آهن؟
جواب: حضورﷺ ۽ حضرت خديجہ رضہ کي.
سوال 39: ٻڌايو تہ مڪي جي فتح بعد حضورﷺاتي ڪيترا ڏينهن ترسيا.
جواب: پندرهن ڏينهن
سوال 40: معلم ڪتاب حڪمت حضورﷺکي ڪنهن چيو؟
جواب: الله تعاليٰ
سوال 41: حضور ﷺهٿان سڄي زندگيءَ ۾ صرف هڪ شخص قتل ٿيو. ٻڌايو تہ ڪڏهن؟
جواب: غزوه احد ۾ (ان جو نالو ابي بن خلف هو)
سوال 42: حضور جي سڀ کان پهريائين تصديق ڪهڙي ماڻهو ڪئي؟
جواب: ورقہ بن نوفل
سوال 43: حضورﷺ جو اسم گرامي (محمد) سندس ڏاڏي پيدائش کانپوءِ ڪيترن ڏينهن بعد رکيو؟
جواب: ستن ڏينهن بعد

سوال44: قيام ۾ حضور ﷺ جن تي ڪنهن جي گهر ۾ قيام فرمايو هو؟
جواب: حضرت ڪلثوم بن الهدوم رضہ
سوال 45: حضور ﷺ هجرت وقت مدينہ منوره ۾ حضرت ابو ايوب رضہ جي گهر ۾ ڪيترا ڏينهن قيام فرمايو؟
جواب: اٽڪل ست مهينا ڪن.
سوال 46: چا توهان ان دروازي جو نالو ٻڌائيندا جنهن مان حضور مسجد نبوي ۾ داخل ٿيندا هئا؟
جواب: باب آل عثمان رضہ
سوال 47: حضور ﷺ جي تدفين لاءِ قبر پرنور کهڙي اصحابي کوٽي هئي؟
جواب: حضرت ابو طلحہ زيد بن سهل انصاري رضہ
سوال 48: حضور ﷺ جن کي ڪيترا چاچا هئا؟
جواب: يارهن
سوال 49: حضور جن کي ڪيتريون ڦڦيون هيون؟
جواب: (ڇهہ) 6
سوال 50: حضور ﷺ جن جي يارهن چاچن جا نالا ٻڌايو؟
جواب: 1. حارث. 2. زبير. 3. ابو طالب. 4. حمزه، 5. مجل، 6. مقوم. 7. عباس. 8. ضرار، قشم، 10. ابولهب، 11. الغيداث
سوال 51: حضور ﷺ جي يارهن چاچن مان ڪيترا مسلمان هئا؟
جواب: صرف (ٻہ) 2
سوال 52: حضور ﷺ جي ٻن مسلمان چاچن جا نالا ٻڌايو؟
جواب: (1) حضرت عباس رضہ، (2) حضرت حمز رضہ
سوال 53: حضور ﷺ جي ڇهن ڦڦين جا نالا ٻڌايو؟
جواب: 1. امہ حڪيمہ، 2. بره، 3. عاتڪہ، 4. اميمہ، 5. اروي، 6. صفيہ.
سوال 54: حضور ﷺ جي يارهن ازواج مطهرات جا نالا ٻڌايو؟
جواب: (1) حضرت خديجہ بنت خويد
(2) حضر سوده بنت زمعہ
(3) حضرت عائشہ بنت حضرت ابوبڪر صديق رضہ
(4) حضر حفصہ بنت عمر فاروق رضہ
(5) حضرت امہ حبيبہ بنت ابو سفيان
(6) حضرت امہ سلمہ بنت ابو اميہ
(7) حضرت زينب بنت حجش
(8) حضرت زينب بنت خذيمہ.

(9) حضرت جويره بنت حارث

(10) حضرت صفيہ بنت مي

(11) حضرت ماريہ بنت قبطيہ

سوال55: حضورﷺجن جي ڪهڙي پٽ جي وفات تي سوره الڪوثر نازل ٿي؟

جواب: حضرت عبدالله جي وفات تي.

سوال 56: حضور جي ڪهڙي فرزند جي ڄمڻ ڏينهن سج گرهڻ ٿي هئي؟

جواب: حضرت ابراهي جي ڄمڻ ڏينهن.

سوال 57: فرزند رسولﷺحضرت ابراهيم جي والده ماجده جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ام المومنين حضرت ماريہ قبطيہ

سوال 58: حضورﷺجن جي ٻن فرزندن حضرت قاسم ۽ حضرت عبدالله جي والده جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ام المومنين حضرت خديجہ رضہ.

سوال 59: حضورﷺجي چئن نياڻين جي والده جو نالو ٻڌايو؟

جواب: ام المومنين حضرت خديجہ رضہ.

سوال 60: آسماني ڪتاب توريت ۾ حضورﷺجن جو ڪهڙو نالو آيو آهي؟

جواب: محمد

سوال 61: آسماني ڪتاب انجيل ۾ حضورﷺجو ڪهڙو نالو آيو آهي؟

جواب: احمد

سوال 62: حضورﷺجن تي پهرين وحي ڪڏهن نازل ٿي؟

جواب: 60 (سٺ) سال جي عمر ۾.

سوال 63: حضورﷺجن هجرت لاءِ مڪہ مڪرمہ ڪهڙي تاريخ تي روانا ٿيا؟

جواب: 27 صفرمطابق 12 سيپٽمبر 622ع ۾.

سوال 64: غار ثور ۾ حضورﷺجن ڪي ڪاڌو ڪير پهچائيندو هو؟

جواب: حضرت ابوبڪر جي ڌيءَ حضرت اسماءَ رضہ

سوال 65: غار ثور ۾ حضورﷺڪي مڪي وارن جون خبرون ڪير پهچائيندو هو؟

جواب: حضرت عبدالله بن حضرت ابوبڪر رضہ

سوال 66: هجرت مدينہ ۾ حضورﷺجو پيڇو ڪنهن ڪيو؟

جواب: سراقہ بن جعشم

سوال 67: جنهن گهوڙي تي سراقہ حضورﷺ جن جو پيڇو ڪيو، ان گهوڙي جو نالو ٻڌايو؟

جواب: عوف.

سوال 68: حضورﷺغار ثور کان مدينہ منوره ڪڏهن روانا ٿيا؟

جواب:

سوال 69: حضور ﷺجن مدينہ منوره ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ هڪ جڳهہ تي وينا ان جو جڳهہ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: قبا
سوال 70: حضورﷺجن مدينہ منوره ۾ ڪڏهن داخل ٿيا؟
جواب: 12 ربيع الاول
سوال 71: پهرين جمع نماز ڪٿي ادا ڪئي وئي؟
جواب: بني سالم ۾
سوال 72: مدينہ شريف ۾ حضور ﷺ جن پهريان ڪنهن وٽ قيام فرمايو؟
جواب: حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله وٽ.
سوال 73. جنگ بدر ۾ مسلمانن جو ڪيترو تعداد هو؟
جواب: ٽي سئو تيرهن. 313
سوال 74: احد جي جنگ ۾ ڪيترا مسلمان شهيد ٿيا؟
جواب: ستر 70
سوال 75: بدر جي جنگ ڪڏهن لڳي؟
جواب: رمضان المبارڪ سن 2 هہ مطابق 623ع ۾.
سوال 76: احد جي جنگ ڪهڙي هجري سن ۾ لڳي؟
جواب: 6 شوال سن 3هہ.
سوال 77: خندق جي جنگ ڪڏهن لڳي؟
جواب: 17 ذوالقعد سن 5 هہ.
سوال 78: مڪي جي فتح ڪڏهن ٿي؟
جواب: 2 رمضان المبارڪ سن 8 هہ مطابق 630ع ۾.
سوال 79: حنين جي جنگ ڪڏهن لڳي؟
جواب: 10 شوال سن 8 هہ ۾.
سوال 80: تبوڪ جي جنگ ڪهڙي مهيني ۽ ڪهڙي ال ۾ لڳي.
جواب: رجب مهينوءِ سن 9 هہ.
سوال 81: حجتہ الوداع جو خطبو ڪڏهن ۽ ڪٿي پڙهيو ويو؟
جواب: ذوالحج سن 10 هہ ۾ عرفات جي ميدان ۾.
سوال 82. حضور ﷺ جنهن ڏاچيءَ تي حجتہ الوداع جو خطبو ڇيوءِ ان ڏاچيءَ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: قصوا
سوال83: حديبيہ جي معاهدي تي مسلمانن جي طرف کان ڪنهن صحيح ڪئي هئي؟
جواب: حضرت محمد ﷺ
سوال 84:حضور ﷺ جن کي سڀ کان محبوب لباس ڪهڙو هو؟

جواب: قميص (ڪڙتو)
سول85: حضور ﷺ جن سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو لباس پائڻ فرمائيندا هئا؟
جواب: چادر (تهبند)
سوال 86: حضور جن نوان ڪپڙا ڪهڙي ڏينهن پائڻ پسند ڪندا هئا؟
جواب: جمعتہ المبارڪ جي ڏينهن
سوال 87: حضور ﷺسڀ کان وڌيڪ ڪهڙي رنگ جا ڪپڙا پائيندا هئا؟
جواب: اڇي رنگ جا.
سوال 88: رنگين ڪپڙن ۾ حضور ﷺ ويڪ ڪهڙي رنگ جي ڪپڙن کي پسند ڪندا هئا؟
جواب: سائي رنگ جي ڪپڙن کي.
سوال 89: حضور ﷺ جن ڪهڙا گل پسند ڪندا هئا؟
جواب:
سوال 90: حضور جن کي ڪهڙي خوشبوءِ وڌيڪ پسند هئي؟
جواب:
سوال 91: حضور ڪهڙيون ٻہ خوشبوءِ پسند ڪري پنهنجي جسم مبارڪ کي لڳائيندا هئا؟
جواب: وجاب
سوال 92: حضور ﷺ سفر تي وڃڻ لاءِ ڪهڙي ڏينهن کي وڌيڪ اهميت ڏيندا هئا؟
جواب: خميس جي ڏينهن کي.
سوال 93: حضور ﷺ جن سفر تي ڪهڙي وقت روانا ٿيندا هئا؟
جواب: صبح جو سوير
سوال 94: حضور ﷺ سفر ۾ جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ داخل ٿندا هئا تہ ڪهڙي دعا پڙهندا هئا؟
جواب: اي الله! هن جا ميوا ن نصيب ڪر ۽ اسان کي سڄي شهر جي نظر ۾ عزيز ڪر.
سوال 95: حضور ﷺ جهن سفر کان واپس ايندا هئا تہ سڀ کان پهريائين ڇا ڪندا هئا؟
جواب: مسجد ۾ وڃي ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪندا هئا.
سوال 96: حضور ﷺجن پنهنجي اکين ۾ ڪهڙو سرمون پائيندا هئا؟
جواب: اثمد
سوال 97: حضور ﷺپنهنجي اکين ۾ وڌ ۾ وڌ سرمي جون گهٽيون سرايون وجهندا هئا؟
جواب: ٽي سرايون.
سوال 98: حضور ﷺجن جي سرميداڻي جو رنگ ڪهڙو هو؟
جواب: ڪارو رنگ.
سوال 99: حضور ﷺپننجا نهن اڪثر ڪهڙي ڏينهن لاهيندا هئا؟
جواب: جمعتہ المبارڪ جي ڏينهن.

سوال 100: حضور ﷺ جن سڀ کان پهريائين کهڙي هٿ جي کهڙي آڱر جو نحن لاهيندا هئا؟

جواب: سڄي هٿ جي شهادت واري آڱر جو.

سوال 101: حضور ﷺ سڀ کان آخر ۾ کهڙي هٿ جي کهڙي آڱر جو نهن لاهيندا هئا؟

جواب: سڄي هٿ جي آڱوٺي جو.

سوال 102: حضور ﷺ پير جا نهن کهڙي آڱر کان کهڙي تائين لاهيند ا هئا؟

جواب: چيچ کان چيچ تائين.

سوال 103: حضور ﷺجن اڪثر گهٽين ڏينهن کان بعد نهن لاهيندا هئا؟

جواب: پندرهن ڏينهن کان بعد.

سوال 104: حضور جن جي ڦڻي کهڙي وڻ جي ڪاٺيءَ مان ٺاهي وئي هئي”

جواب: ساڳوان جي ڪاٺيءَ مان.

سوال 105: حضور جن جا وار ڪيئن هئا؟

جواب: گهنڊي گهنڊي

سوال 106: حضور ﷺ جن جي مٿا ۽ ڏاڙهي ۾ اٽڪل گهٽا اڇا وار هئا؟

جواب: اٽڪل سترهن وار.

سوال 107: حضور مٿي کي تيل کهڙي طرف کان لڳائڻ شروع ڪندا هئا؟

جواب: نرڙ کان.

سوال 108: حضور ﷺسڀ کان پهريائين کهڙن وارن تي تيل هڻندا هئا؟

جواب: ڀرون جي وارن تي.

سوال 109: حضور ﷺ سڀ کان پهريائين ڦڻي کهڙن وارن کي ڏيندا هئا؟

جواب: ڏاڙهي جي وارن کي.

سوال110: حضور ﷺ جن جي مهر مندي هئي، ٻڌايو ته ان تي ڇا لکيل هو؟

جواب: مٿئين کان هيٺئن طرف ترتيب سان الله، محمد،رسول لکيل هو.

سوال111: حضور ﷺجي آخري نبي هجڻ جو قرآن پاڪ جي کهڙي صورت ۾ ذکر آيو آهي؟

جواب: سوره احزاب ۾

سوال 12: جنتين لاءِ حضور ﷺ جو کهڙو نالو آهي”

جواب: عبدالڪريم

سوال 113: جهنمين لاءِ حضور ﷺ جو کهڙو نالو آهي؟

جواب: عبدالجبار

سوال 114: عرش وارن لاءِ حضور جو کهڙو نالو آهي؟

جواب: عبدالحميد

سوال 115: ملائڪن لاءِ حضور ﷺ جو ڪهڙو نالو آهي؟
جواب: عبدالقهار
سوال 116: جن حضور ﷺ کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪندا آهن؟
جواب: عبدالرحيم
سوال: نبين ۾ حضور ﷺ جو ڪهڙو نالو آهي؟
جواب: عبدالوهاب
سوال 118: پهاڙ حضور ﷺ کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪندا آهن؟
جواب: عبدالخالق
سوال 119: صحرا (رڻ پٽ) وارياسو علائقو حضور ﷺ کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪندا آهن؟
جواب: عبدالقادر
سوال 120: سمنڊ حضور ﷺ جن کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪندا آهن؟
جواب: عبدالمتين
سوال 121: درندا حضور ﷺ کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪندا آهن؟
جواب: عبدالسلام
سوال 122: حضور ﷺکي ڪهڙي نالي سان ياد ڪندا آهن؟
جواب: عبدالغفار
سوال 123. جهنگلي جانور حضور ﷺ جن جو ذڪر ڪهڙي نالي سان ياد ڪندا آهن؟
جواب: عبدالرزاق.
سوال 124: چوپايو (مال) حضور ﷺ کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪندو آهي؟
جواب: عبدالمومن
سوال125: تورات ۾ حضور ﷺ جن کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي؟
جواب: موذ موذ (يعني طيب طيب)
سوال 126: انجيل ۾ حضور ﷺکي ڪهڙي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي؟
جواب: طاب طاب
سوال 127: زبور ۾ حضور ﷺجن کي ڪهڙي نالي ان ياد ڪيو ويو آهي؟
جواب: فاروق.
سوال 128: ٻين آسماني صحيفن ۾ حضور ﷺ جن جو ذڪر ڪهڙي نالي سان آيو آهي؟
جواب: عاقب
سوال 129: حضور ﷺ جن کي جيڪا تلوار پنهنجي والد حضرت عبدالله کان ملي هئي ان جو نالو ٻڌايو؟
جواب: ماثور
سوال 130: حضور ﷺ جن جي ٻين تلوارن جا نالا ٻڌايو؟

جواب: قضيب، قلعي، حتف، مخذم، بتار، رسوب، صمصام، لحيف ۽ ذوالفقار.
سوال 131: حضور ﷺ جيڪا تلوار هر جنگ ۾ پاڻ وٽ رکندا هئا، ان جو نالو ٻڌايو؟
جواب: ذوالفقار
سوال 132: حضور ﷺ جي ”تاموس“ نالي جوتي جي ڊيگهه ٻڌايو؟
جواب:
سوال 133: حضور ﷺ جي ان ذره جو نالو ٻڌايو جڪا حضرت دائود عليه السلام جالوت سان مقابلي جي وقت پاتي هئي؟
جواب: سفديه
سوال 134: حضور ﷺ جن جي ٻين ذرمن جا نالا ٻڌايو؟
جواب: ذات الفصول، ذات الوشاخ، ذات المواشي، فضه، بتر ۽ خرنق، بتراءِ ۽ خرنق
سوال 135: حضور ﷺ جن جي جهنڊي جو رنگ ٻڌايو؟
جواب: ڪارو رنگ
سوال 136: حضور جن جي جهنڊي جو رنگ ڪارو هو، ان جو جهنڊي جو نالو ٻڌايو؟
جواب: عقاب
سوال 137: حضور ﷺ جن جي خيمي جو نالو ٻڌايو؟
جواب: ڪن
سوال 138: حضور جن جي قئنچيءَ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: جامع
سوال 139: حضور ﷺ جي ڪمان جو نالو ٻڌايو؟
جواب:ذوالسداد
سوال 140: حضور ﷺ جن جي ٻٽيءَ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: بنعاءِ
سوال 141: حضور ﷺ جن جي ڍال جو نالو ٻڌايو؟
جواب: زفن
سوال 142: حضور ﷺ جي ٻن نيزن جا نالا ٻڌايو؟
جواب: نمر ۽ ريان
سوال 143: حضور ﷺجي ڪاريءَ ۽ سوخ گهوڙي جا نالا ٻڌايو؟
جواب: مرتجز (سرخ) ۽ سڪب (ڪارو)
سوال144: حضور ﷺجي بستري جو نالو ٻڌايو؟
جواب: ڪنر
سوال 145: حضور ﷺ جن جي آئيني جو نالو ٻڌايو؟
جواب: عدله

سوال 146: حضور ﷺ جي خچر جو نالو ٻڌايو؟
جواب: دلدل
سوال 147: حضور ﷺ جي گڏھ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: يعفور
سوال 148: حضور ﷺ جي ٻڪريءَ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: عنيہ
سوال 149: حضور جي ڏاچين جا نالا ٻڌايو؟
جواب: قصوا، عصباءَ، مشوق.
سوال 150. جنت الفردوس ۾ حضور ﷺ جي خاص جڳھ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: مقامِ محمود.
سوال 151. ان شخص جو نالو ٻڌايو جنهن حضور ﷺ کي هڪ وڻ جي هيٺان سمهيل ڏسي تلوار ڪڍي بيٺو ۽ چيائين تہ توهان کي منهنجي هٿ کان ڪير بچائيندو؟
جواب: غورث بن الحراث
سوال 152: حضور ﷺ حبشہ جي بادشاھ نجاشيءَ کي اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ هڪ خط لکيو هو، ان نجاشيءَ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: اصحيم بن الجبر
سوال 153: حضور ﷺبحرين جي بادشاھ جي نالي هڪ خط لکيو هو، ان بحرين جي بادشاھ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: منذر بن سادي
سوال 154: مصر جي حڪمران وٽ حضور جو خط پهتو هو، ان مصري حڪمران جو نالو ٻڌايو؟
جواب: جريہ بن متي مقوقيس
سوال 155: حضور ﷺ قسطنطينہ جي بادشاھ جي نالي خط لکيو هو، ان بادشاھ جو نالو ٻڌايو؟
جواب: بادشاھ حرقل
سوال 156: حضور ﷺ ايران جي بادشاھ جي نالي خط لکيو هو، ان حڪمران جو نالو ٻڌايو؟
جواب: خسرو پرويز
سوال 157: حضور ﷺدمشق ۾ شام جي حڪمران جي نالي خط لکيو هو، اتان جي حڪمران جو نالو ٻڌايو؟
جواب: منذر بن حارث بن ابو شمر
سوال 158: حضور ﷺيمامہ جي حڪمران جي نالي خط لکيو هو، ان حڪمران جو نالو ٻڌايو؟

جواب: هوده بن علي
سوال 159: حضور ﷺجن حيات طيبہ ۾ ڪهڙي نماز جي آخري امامت ڪئي؟
جواب: سانجهي جي نماز جي.
سوال 160: حضور ﷺ پنهنجي آخري نماز جنهن جي خود پاڻ امامت ڪئي هئائون ان نماز ۾ قرآن پاڪ جي ڪهڙي سورت تلاوت فرمايائون؟
جواب: سوره المرسلات.
سوال 161:حضور ﷺ پنهنجي امامت واري جڳهہ ڪهڙي شخصيت لاءِ چوندي هئي؟
جواب: حضرت بوبڪر صديق رضي الله.
سوال 162. حضور ﷺجي حڪم سان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله پهريائين ڪهڙي نماز جي امامت ڪئي.؟
جواب: سمهڻيءَ جي نماز جي.
سوال 163. حضور ﷺ جن جي وصا ل تائين ابوبڪر صديق رضي الله ڪل ڪيتريون نمازون پڑهايون؟
جواب: سترهن
سوال 164: حضور ﷺ پنهنجي وصال کان اڳ ڏندڻ هٿڻ فرمايو، ان ڏندڻ ڪٽي اچڻ واري صاحب جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت عبدالرحمان رضہ بن حضرت ابوبڪر صديق رضہ الله تعالي عنہ.
سوال 165:حضور ﷺ جيڪو آخري ڏندڻ ڏنو ان ڪي ڪهڙي شخصيت پنهنجي ڏندن سان نرم ڪري خدمت ۾ پيش ڪيو هو؟
جواب: امہ المومنين حضرت عائشہ صديقہ رضي الله.
سوال 166: حضور ﷺ واپار جي مقصد سان ڪهڙن ملڪن جو سفر ڪيو؟
جواب: شام، بصره ۽ يمن.
سوال 167: حضور ﷺ جي ولادت وقت ڪعبہ شريف ۾ ڪل ڪيترا بت هئا؟
جواب: ٽي سئو سٺ (360)
سوال 168: حضور ﷺ جي ان سئوٽ جو نالو ٻڌايو جيڪو هجرت واري رات سندن بستري تي ستو هو؟
جواب: حضرت علي ڪرم الله وجہ.
سوال 169: حضور ﷺ جن جي چاچي حضرت حمزه رضہ جي قتل جو نالو ٻڌايو.
جواب: وحشي بن حرب
سوال 170: حضور ﷺ جي انهيءَ چاچي جو نالو ٻڌايو جيڪو سڄي عمر سندن مخالفت ڪندو رهيو؟
جواب: ابو لهب

**سوال** 171: **حضور ﷺجن جي ٽج شريڪ پيٽ جو نالو ٻڌايو؟**
**جواب: حضرت شيمہ رضہ.**
**سوال** 172: **حضور ﷺ جن تي پهريائين ايمان ڪنهن آندو؟**
**جواب: حضرت خديجتہ الڪبريٰ رضہ.**
**سوال** 173: **انهيءَ خاتون جو نالو ٻڌايو، جنهن لاءِ حضور جن فرمائيندا هئا تہ اها منهنجي ماءُ آهي؟**
**جواب: حضرت امہ ايمن رضہ**
**سوال** 174: **"مديني جو عهدنامو" ڪنهن جي وچ ۾ ٿيو؟**
**جواب: يهودين ۽ مسلمانن جي وچ ۾.**
**سوال** 175: **حضور جن ڪيترن غزوات ۾ شريڪ ٿيا.**
**جواب: ستاويهہ غزوات.**
**سوال** 176: **حضور ﷺجن کي آخري غسل ڪنهن ڏنو؟**
**جواب: حضرت علي ڪرم الله وجہ.**
**سوال** 177: **حضور ﷺ جي تدفين لاءِ قبر ڪنهن کوٽي هئي؟**
**جواب: حضرت ابو طلحہ انصاري رضہ.**
**سوال** 178: **حضور ﷺ جن جو سڀ کان وڏو معجزو ڪهڙو آهي؟**
**جواب: قرآن شريف**
**سوال** 179: **حضور ﷺ جي ولادت وقت ڪهڙي موسم هئي؟**
**جواب: بهار جي موسم.**
**سوال** 180: **جنهن سال حضور ﷺجي ولادت ٿي انهيءَ سال حضرت عبدالمطلب کي ڪهڙو پٽ ڄائو؟**
**جواب: حضرت حمزه رضہ.**
**سوال** 181: **حضور ﷺ جي لاودت وقت فارس جي ڪهڙي شهنشاهہ جي محل ۾ زلزلو آيو هو ۽ انهيءَ محل جا ڪيترا ڪنگرا ڊهي پيا؟**
**جواب: شهنشاهہ خسرو پرويز، چوهن ڪنگرا**
**سوال** 182: **فارس وارو آتشڪده جيڪو پاڻ ﷺ جي ولاد سان اجهامي ويو هو، اهو ڪيتري عرصي کان ٻري رهيو هو؟**
**جواب: هڪ هزار سالن کان.**
**سوال** 183: **حضور ﷺ سڀ کان پهريائين عام خطاب ڪٿي ڪيو هو؟**
**جواب: ڪوهہ صفا تي**
**سوال** 184: **حضور ﷺ تي مديني ۾ ڪل ڪيتريون سورتون نازل ٿيون؟**
**جواب:** 23 **سورتون.**

سوال 185: حضور ﷺجن جي هجرت کان پوءِ ڪيترا عمرا ادا فرمايا؟
جواب: چار (4) عمرا.
سوال 186: معراج ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي ملاقات ٻئي آسمان تي ڪهڙن پيغمبرن سان ٿي؟
جواب: حضرت يحيٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام سان.
سوال 187: حضور ﷺجن سورت المتهيٰ ۾ ڪيتريون نهرون وهنديون ڏٺيون؟
جواب: چار نهرون.
سوال 188: انهيءَ پيغمبر جو نالو ٻڌايو، جنهن جي چوڻ تي پاڻ سڳورن الله تعاليٰ کان پنجاهہ نمازن بجاءِ پنج نمازون ڪرايون.؟
جواب: حضرت موسيٰ عليہ السلام
سوال 189: حضور ﷺ جي ستين آسمان تي ڪنهن سان ملاقات ٿي؟
جواب: حضرت ابراهيم عليہ السلام سان.
سوال 190: معراج جي موقعي تي پاڻ سڳورن نبين جي امامت فرمائي هئي، ٻڌايو تہ آزان ڪنهن ڏني؟
جواب: حضرت جبرائيل عليہ السلام
سوال 191: انهيءَ سورت جو نالو ٻڌايو، جنهن جي نزول سان پاڻ سڳورن ﷺ جي رسالت شروع ٿي؟
جواب: سوره مدثر
سوال 192: طائف جي سفر ۾ پاڻ سڳورن سان ڪهڙو غلام همسفر هو؟
جواب: حضرت زيد بن حارث رضہ
سوال 193: انهيءَ يهودي عورت جو نالو ٻڌايو، جنهن حضور ﷺ جن کي گوشت ۾ زهر ڏنو هو؟
جواب: زينت بنت حارث
سوال 194: حضور ﷺ جن هجرت کان پوءِ ڪيترا حج ادا ڪرڻ فرمايا؟
جواب: هڪ حجهہ.
سوال 195: حضور ﷺ جن ڪل ڪيترا ڏينهن عليل رهيا؟
جواب: تيرهن ڏينهن
سوال 196: پاڻ سڳورن ﷺ علالت دوران ڪيترا غلام آزاد فرمايا؟
جواب: چاليهہ (40)
سوال 197: حضور ﷺ جن کي رنگن ۾ ڪهڙو رنگ پسند هو؟
جواب: زردو رنگ
سوال 198: حضور جن ڪهڙي رنگ جي ٽوپي پائيندا هئا؟
جواب: اڇي رنگ جي.

سوال 199: حضور ﷺ جن ڪائڻ ۽ پيئڻ ۾ ڪهڙي شيءِ کي پسند ڪندا هئا؟
جواب: ماني ۽ کير کي.
سوال 200: پاڻ سڳورن ﷺ جي منڊي ڇا جي ٺهيل هئي؟
جواب: چانديءَ جي.
سوال 201: اها ڪهڙي تلوار هئي، جيڪا ڪين ورثي ۾ ملي؟
جواب: ماثور
سوال 202: حضور ﷺجن جي هڪ تلوار جي هڪ معنيٰ موت هو، انهيءَ تلوار جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حيف.
سوال 203: حضور ﷺجن وٽ ڪل ڪيترا گهوڙا هئا؟
جواب: ست
سوال 204: حضرت بلال رضہ کان سواءِ اهو ڪهڙو غلام هو، جيڪو مؤذن بہ هو ۽ پاڻ سڳورن سان سمورين جنگين ۾ شريڪ رهيو؟
جواب: سفينہ
سوال 205: ”شق القمر“ وارو معجزو پاڻ سڳورن ﷺڪهڙي جبل تي ڏيکاريو؟
جواب: جبل ابوفيس.
سوال 206: حضور ﷺجنهن حجري ۾ دفن آهن، ان جي موجوده شڪل ڪنهن تيار ڪئي هئي؟
جواب: ملڪ اشرف
سوال 207: پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال وقت ڪيترا اصحاب حافظ قرآن هئا؟
جواب: ٻاويهہ (22)
سوال 208: انهيءَ بزرگ جو نالو ٻڌايو، جنهن کي حضور ﷺجن خواب ۾ هندستان ۾ نور اسلام پکيڙڻ جو حڪم ڏنو هو؟
جواب: حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري رحہ
سوال 209: حضور ﷺ جن نبوت کانپوءِ ڪيترا سال مڪي ۾ ۽ ڪيترا سال مديني ۾ گذاريا؟
جواب: 13 سال مڪي ۾ ۽ ڏهہ سال مديني ۾.
سوال 210: انهن اسلامي مهينن جا نالا ٻڌايو، جن ۾ حضور ﷺ جن لڙائي کان منع فرمائي؟
جواب: محرم، رجب، ذوالقعد ۽ ذوالحج
سوال 211: محمد جي معنيٰ ڇا آهي؟
جواب: تعريف ڪيو ويو.
سوال 212: سنن والده سندن ڪهڙو نالو رکيو هو؟

جواب: احمد
سوال 213: حضور ﷺ جي بعشت کان اڳ حضرت خديجه رضه کهڙي لقب سان مشهور آحي؟
جواب: طاهره
سوال 214: حضور ﷺ جي انتقال کان ڪيترو عرصو پوءِ فاطمه رضي الله وفات ڪئي؟
جواب: ڇهن مهينن کانپوءِ
سوال 215: حضور جن خطبه الوداع کهڙي هنڌ ڏنو؟
جواب: ميدان عرفات ۾.
سوال 216: جڏهن حضور ﷺ جن تي پهرين وحي نازڪ ٿي ته حضرت خديجه رضه کين ڪنهن وٽ وٺي وئي هئي؟
جواب: ورقه بن نوفل
سوال 217: حضور ﷺ جن جيڪو عطر استعمال ڪندا هئا، ان جو نالو ٻڌايو؟
جواب:سڪ
سوال 218: حضور ﷺ جن قيامت جي پهرين نشاني کهڙي ٻڌائي؟
جواب: هڪ باهه جيڪا ماڻهن کي اوير کان هڪلي اولهه طرف وٺي ويندي.
سوال: ڪافرن حضور ﷺ کي گرفتار ڪري وٺي اچڻ ڪيترو انعام مقرر ڪيو؟
جواب: (100) سو اٺ
سوال 220: حضور ۾ جن معراج جو سفر جنهن جانور تي ڪيو، ان جو نالو ٻڌايو.
جواب: براق.
سوال 221: حجته الوداع جي موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ سان ڪيترا فرزندان توحيد هئا؟
جواب: هڪ لک چوئيتاليهه هزار
سوال 222: حضور ﷺجن جو کهڙو چاچو ۽ عمر۾ کانئن فقط ٻه مهينا وڏو هو؟
جواب: حضرت حمزه رضه
سوال 223: کهڙيءَ لڙائيءَ ۾ سندن ڏند مبارڪ شهيد ٿيا؟
جواب: احمد واري لڙائي ۾.
سوال 224: معراج جي سفر ۾ حضور ﷺجن جي ملاقات ڪيترن ۽ کهڙن پيغمبرن سان ٿي؟
جواب: ستن پيغمبرن سان (1. حضرت آدم عليه السلام. 2. حضرت يحيٰ عليه السلام. 3. حضرت عيسيٰ عليه السلام. 4. حضرت ادريس عليه السلام. 5. حضرت هارون عليه السلام. 6. حضرت موسيٰ عليه السلام. 7. حضرت ابراهيم عليه السلام سان.
سوال 225: حضور ﷺجن سمورن نبين کي ڪٿي نماز پڙهائي؟
جواب: مسجد اقصيٰ ۾.

سوال 226: حضور ﷺجن جي خادمن جو تعداد ٻڌايو؟
جواب: يارهن (11) خادم.
سوال 227: حضور ﷺجي ڪپڙن جي قيمت عام طور تي ڪيتري هوندي هئي؟
جواب: ڏهه درهم.
سوال 228: حضور ﷺجن جو بسترو ڪهڙي شيءِ جو ٺهيل هو؟
جواب: چمڙي جو.
سوال 229:حضور ڪيترين جنگين ۾ شرڪت فرمائي هئي؟
جواب: اٺتيهه (38)
سوال 230: سن عيسويءَ جي لحاظ کان حضور ﷺآخري حج ڪڏهن ادا ڪيو؟
جواب: مارچ 632ع
سوال 231: سن 11 هجري ۾ 18 يا 19 صفر واري رات جو حضور ﷺجن ڪٿي تشريف وٺي ويا؟
جواب: جنت البقيع ۾.
سوال 232: حضور ﷺ جن آخري حج ڪهڙي سن هجري ۾ ڪيو هو؟
جواب: 10 هجري ۾.
سوال 233. حضور ﷺ لباس ۾ ڪهڙي چادر کي پسند ڪندا هئا؟
جواب: يمن جي تيار ڪيل چادر کي.
سوال 234: حضور ﷺجن جڏهن ڪو نئون ڪپڙو پائيندا هئا ته ڇا ڪندا هئا؟
جواب: ٻه رڪعت نماز ادا ڪندا هئا.
سوال 235: حضور ﷺجن 6 هجري ۾ ڪيترن بادشاهن کي اسلام جي دعوت ڏني؟
جواب: ڇهن بادشاهن کي.
سوال 236: حضور ﷺجي پهرين علم جو رنگ ٻڌايو؟
جواب: اڇو
سوال 237: حضور ﷺ جن جي پهرين وحي ڪٿي نازل ٿي؟
جواب: غارِ حرا ۾.
سوال 238: حضور ﷺجن جي ان صحابي جو نالو ٻڌايو جنهن سڀ کان پهرين پاڻ سڳورن جي نبو جي تصديق ڪئي. ؟
جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضي الله
سوال 239: حضور ﷺجن جيڪا پهرين نماز پڙهي انهيءَ ۾ ساٿن ڪير شريڪ هو؟
جواب: حضرت خديجه رضي الله.
سوال 240: انهيءَ جاءِ جو نالو ٻڌايو، جتي حضور ﷺ معراج جي رات ڏنو ته ستر هزار فرشتا انهيءَ جو طواف ڪن ٿا.؟

جواب: بيت المعمور

سوال 241: مديني جي انهيءَ پهرين نوجوان جو نالو ٻڌايو، جيڪو حضور ﷺجي اسلام جي دعوت کان متاثر ٿيو؟

جواب: سعد بن ثابت.

سوال 242: انهيءَ پهرين شهيد جو نالو ٻڌايو، جنهن جي جنازي نماز حضور ﷺجن پڙهائي؟

جواب: حضرت حمزه رضي الله.

سوال 243: حضور ﷺ تي ايمان آڻيندڙ پهرين غلام جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت زيد بن حارث

سوال 244: حضور ﷺ جي پيدائش وقت چين ۾ ڪهڙو گهراڻو اقتدار ۾ هو؟

جواب: چن گهراڻو

سوال 245: حضور ﷺ جن ڪهڙن مسلمانن جي جنازي نماز نه پڙهائيندا هئا؟

جواب: جيڪي قرض واري حالت ۾ فوت ٿيا هجن.

سوال 246: حضرت خديجه رضه جي انهيءَ سهيلي جو نالو ٻڌايو، جنهن جي هٿان حضرت خديجه رضه کي نڪاح جو پيغام موڪليو هو؟

جواب: نفيسه

سوال: 247: حضور ﷺجن ڪهڙي شهر جي باري ۾ فرمايو هو ته جيڪو شخص انهي کي فتح ڪندو سو جنتي آهي؟

جواب: قسطنيطه

سوال 248: حضور ﷺکي ڪهڙي سن ۾ نبوت ملي؟

جواب: 610ع ۾.

سوال: 249: جڏهن حضور ﷺ جن کي ننڍ ايندي هئي ته ڇا چوندا هئا؟

جواب: الحمدالله

سوال 250: سن 4 هجري جي شعبان مهيني ۾ حضور ﷺجن جو ڪهڙو ڏوهٽو پيدا ٿيو؟

جواب: حضرت امام حسين رضي الله.

سوال 251: سن 8 هجري ۾ حضور ﷺجن حضرت جعفر رضه کي ڪهڙو لقب عطا ڪيو؟

جواب: طيار.

سوال 252: حضور ﷺ جن حضرت جبرائيل عليه السلام کي انهيءَ جي اصل شڪل ۾ ڪيترا ڀيرا ڏٺو هو؟

جواب: ٻه ڀيرا.

سوال 253: حضور جي پيدائش وقت ڪهڙو درياهه خشڪ ٿي ويو هو؟

جواب: ساور درياهه

سوال 254: قريش جي  ڪهڙي سردار حضور ڪي تبليغ کان باز رکڻ لاءِ عرب جي بادشاهت جي آڇ ڪئي هئي؟
جواب: عتبہ بن ربيعہ
سوال 255: حضور ﷺ ڪي وحي ڪيترن طريقن سان نازل ٿي.
جواب: ستن طريقن سان.
سوال 256: حضور ﷺ جو نالو احمد ڪهڙن ٻن الهامي ڪتابن ۾ آيو آهي؟
جواب: قرآن ۽ انجيل ۾.
سوال 257: "مدينتہ العلوم" ڪنهن کي چوندا آهن؟
جواب: حضور ﷺ کي.
سوال 258: حضور ﷺ جن ڪهڙي شيءِ کي اکين جي ٺڏاڻ فرمايو آهي؟
جواب: نماز کي.
سوال 259: "بسم  الله" جي آيت حضور ﷺ کانسواءِ ٻئي ڪهڙي نبي تي نازل ٿي؟
جواب: حضرت سليمان عليہ السلام.
سوال 260: جن ڏينهن ۾ حضرت ابو طالب حضور ﷺجي پرورش ڪري رهيو هو تہ هڪ پيري قريش ڏڪار جي شڪايت ڪئي هئي ۽ ڪيس دعا ڪرڻ لاءِ چيو تہ هن ڇا ڪيو؟
جواب: حضرت ابو طالب حضور ﷺ جيڪو اڃان ننڍڙو هو ان کي ڪعبي جي پٺ تي ٻيهاري ڇڏيو ۽ برسات جي دعا ڪرڻ لاءِ چيو، پاڻ سڳورن دعا لاءِ هٿ کنيا تہ برسات شروع ٿي وئي.
سوال 261: حضور ﷺتي غيبي سلرار جي ظهور جي شروعات ڪڏهن ٿي؟
جواب: نبوت کان ست سال اڳ جڏهن سندس عمر 33 سال هئي.
سوال 262: حضور ﷺجن ڪهڙي ڏوهٽي جي وفات زهر ڏيڻ سان ٿي هئي؟
جواب: امام حسن رضي الله.
سوال 263: حضور ﷺ جي ڪهڙي ڏوهٽي ڪربلا جي ميدان ۾ موجود هئي؟
جواب: حضرت بيبي زينب بنت حضرت فاطمہ الزهريٰ رضہ
سوال 264: حضور ﷺ جن ڪهڙي شخص لاءِ اها دعا فرمائي هئي تہ اهو گرميءَ ۽ سرديءَ کان محفوظ رهي؟
جواب: حضرت علي ڪرم الله وجهہ
سوال 265: حضور ﷺ جي ان اٺ جو نالو ٻڌايو، جنهن تي حضور ﷺ هجرت فرمائي؟
جواب: العصتويٰ
سوال 266: حضور ﷺجن جا آخري لفظ ڪهڙا هئا؟
جواب: اللهم بالرفيق الاعليٰ "الله سڀ کان وڏو دوست آهي."
سوال 267: حضور ﷺ جن جي جنازي نماز ڪنهن پڙهائي؟

جواب: حضور ﷺ جن جي نماز جنازه ڪنهن بہ نہ پڙهائي.
سوال 268: ان سڳوري صحابي جو نالو ٻڌايو جنهن کي حضرت محمد ﷺجن جي زيارت بغير صحابئي جو شرف حاصل آهي؟
جواب: حضرت اويس قرني رضہ
سوال 269: جنت جي داروغي جو نالو ٻڌايو؟
جواب: رضوان
سوال 270: دوزخ جي داروغي جو نالو ٻڌايو؟
جواب: مالڪ
سوال 271: صحابي ٿيڻ لاءِ ڪهڙا شرط آهن؟
جواب: حضور جن کي ايمان جي حالت ۾ (صحابي) ڏٺل هجي ۽ ايمان جي حالت ۾ وفات ڪري ويو.
سوال 272: اسلام جو پراڻو نالو ڇا آهي؟
جواب: دين حنيف
سوال 273: خانہ ڪعبہ کان پهرين مسلمانن جو قبلو ڪهڙو هو؟
جواب: بيت المقدس
سوال 274: قرآن شريف ۾ ڪُل گهڙيون سورتون آهن؟
جواب: 114 هڪ سو چوڏهن.
سوال 275: قرآن شريف جي وڏي سورت جو نالو ٻڌايو؟
جواب: سوره بقره.
سوال 276: قرآن شريف جي ننڍي سورت جو نالو ٻڌايو؟
جواب: الڪوثر.
سوال 277: ٻڌايو تہ قبلي بدلجڻ جو حڪم ڪڏهن ٿيو؟
جواب: نماز ظهر وقت 15 شعبان سن 2هہ
سوال 278: حضور ﷺجن هڪ اهڙي ڳالهہ ٻڌائي جيڪا نماز ۽ روزي کان بہ بلند درجي واري آهي؟
جواب: مسلمانن جي وچ ۾ اتفاقي دور ڪرڻ روزي ۽ نماز کان اعليٰ آهي.
سوال 279: اسلام جي سڀ کان ننڍڙي سپہ سالار جو نالو ٻڌايو؟
جواب: حضرت اسامہ بن زيد رضہ
سوال 280: انهن معتبر شخصيتن جا نالا ٻڌايو جيڪي پيغمبر نہ آهن پر انهن جو ذڪر قرآن ۾ آيو آهي؟
جواب: لقمان، عزيز مصر، ذوالقرنين.
سوال 281: اسلام جي ان پهرين مسجد جو نالو ٻڌايو جنهن حضور ﷺ جن تعمير ڪرايو؟

جواب: مسجد قبا
سوال 282: قرآن پاڪ ۾ ڪيترن نبين جو ذڪر ڪيو آهي؟
جواب: 62 نبين جو ذڪر آيل آهي.
سوال 283: اهو ڪهڙو صحابي آهي، جنهن جا چار نسل صحابي آهن؟
جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضہ.
سوال 284: ان پيعمبر جو نالو ٻڌايو جيڪو امام الانبيا آهي؟
جواب: حضرت محمد ﷺ.
سوال 285: مدينہ منوره ۾ نازل ٿيڻ واري پهرين قرآن پاڪ جي سوره جو نالو ٻڌايو؟
جواب:
سوال 286: روئي زمين تي سڀ کان پهرين مسجد ڪهڙي آهي؟
جواب: مسجد الحرام (خانہ ڪعبہ)
سوال 287: حج ٿيڻ کانپوءِ حضور جن ڪيترا حج ڪيا؟
جواب: صرف هڪ حج.
سوال 288: دنيا جي ڪيترين زبانن ۾ قرآن جو ترجمو ڪيل آهي؟
جواب: 103 ٻولين ۾ (1970 کان اڳ)
سوال 289: قرآن پاڪ کي ڪتابي صورت ڪنهن ڏني؟
جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي زماني ۾ 75 صحابي سڳورن قرآن پاڪ کي ڪتابي صورت ۾ جمع ڪيو.
سوال 290: نماز جا پنج وقت ڪڏهن فرض ٿيا؟
جواب: شب معراج 11 نبوي.
سوال: 291: روزا ڪڏهن فرض ٿيا؟
جواب: ارمضان هہ 2 س.
سوال: 292: قرآن شريف جو اردو ترجمو پهريان ڪنهن ڪيو؟
جواب: حضرت مولانا شاه رفيع الدين رحہ محدث دهلوي سن 1774ع ۾.
سوال 293: برصغير ۾ سڀ کان پهرين قرآن شريف جو فارسي زبان ۾ ترجمو ڪنهن ڪيو؟
جواب: شاه ولي الله رحہ 1703ع 1762ع
سوال 294: ٻڌايو تہ دنيا ۾ سڀ کان پهرين قرآن پاڪ جو ترجمو ڪهڙي زبان ۾ ٿيو؟ ۽ مترجم جو نالو ٻڌايو؟
جواب: لاطني Lalin پهرين پطرس ذايلبس 1143ع، 538 هہ ۾.
سوال 295: حرم ڇا آهي؟

جواب: حرم، مڪ معظم جي آسپاس جو اهو محدود علائقو آهي، جنهن ۾ شڪار وغيره ڪرڻ منع آهي، مدينہ منوره انهن 3 ميل يمن جي طرف 7 ميل ۽ طائف جي طرف 1 ميل پکيڙ جي محدود علائقي کي حرم چئبو آهي؟

سوال 296: قرآن شريف ۾ ڪيترن نبين جي نالي سان سورتون آهن؟

جواب: ڇهن انبياءَ ڪرامن جي نالن سان.

سوال 297: قرآن پاڪ ۾ سوره بقره کان پوءِ ڪهڙي سورت ۾ گهڻيون آيتون آهن؟

جواب: العشراءِ 237 آيتون.

سوال 298: جنگ بدر ۾ سڀ کان ننڍي عمر واري شهيد جو نالو ڇا آهي؟

جواب: حضرت عمير رضہ

سوال 299: قرآن شريف جي هڪ سورت جي صرف هڪ آيت حجتہ الوداع جي موقعي تي مڪ معظم ۾ نازل ٿي ۽ باقي پوري سوره مدينہ منور ۾ نازل ٿي، سوره جو نالوٻڌايو؟

جواب: سوره بقره

سوال 300: اسلام جي لغوي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: اسلام جي لغوي معنيٰ آهي تہ "پاڻ کي پيش ڪرن، مقيد ڪرڻ."

سوال 301: "صحاح ستہ" مان ڪهڙي مراد آهي؟

جواب: حديث جا 6 مستند ڪتاب.

سوال 302: مڪ معظم ۽ مدينہ منوره جي وچ ۾ گهڻو مفاصلو آهي؟

جواب: 250 ميل.

سوال 303: حضور ﷺ جن غارِ حرا ۾ جيڪا خاص عبادت ڪندا هئا، ان جو نالو ڇا آهي؟

جواب: تحنث.

سوال 304: جنت البقيع ۾ دفن ٿيڻ واري پهرين مسلم جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت اسعد بن زراره رضہ، ڪن ڪتابن ۾ حضرت "عثمان بن مطعون" جي باري ۾ لکيل آهي.

سوال 305: ان عورت جو نالو ٻڌايو، جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ سندس نالي سان آيو آهي؟

جواب: حضرت بيبي مريم

سوال 306: قرآن پاڪ تہ رمضان المبارڪ مهيني ۾ نازل ٿيو پر آسماني ڪتاب، توريت، زبور ۽ انجيل ڪهڙي مهيني ۾ نازل ٿيا؟

جواب: اهي ٽيئي ڪتاب (3) آسماني ڪتاب بہ رمضان المبارڪ مهيني ۾ نازل ٿيا.

سوال 307: حضرت مريم جي والد ۽ والده جو نالو ٻڌايو؟

جواب: والد جو نالو عمران ۽ والده جو نالو حنہ هو.

سوال 308: سانحہ ڪربلا جي وقت زنده امہ المومنينجو نالو مبارڪ ٻڌايو؟

جواب: حضرت امہ سلميٰ

سوال 309: غزوه بدر ڪهڙي هجري سن ۾ ٿيو؟
جواب: 17 رمضان المبارڪ سن 2 هه جمع جو ڏينهن.
سوال 310: حضرت محمد ﷺ جن کي سندس والده ماجده حضرت آمنه ۽ دائي حليمه سعديه کانسواءِ هڪ ٻي عورت پنهنجو کير پياريو، ان جو نالو مبارڪ ٻڌايو؟
جواب: سندس چاچي ابو لهب جي نوڪرياڻي حضرت ثوبيه.
سوال 311: اعراف برزخ مان ڪهڙو مطلب آهي؟
جواب: اعراف جنت ۽ دوزخ جي وچ واري جڳهه آهي، جتي اهي ماڻهو رهندا ، جن جا ثواب ۽ گناهه هڪ جيترا هوندا ۽ برزخ جي معنيٰ عالم ارواح آهي.
سوال312: تهليل مان ڪهڙي مراد آهي؟
جواب: ڪلمو طيب پڙهڻ.
سوال 313: انصار ۾ سڀ کان پهرين اسلام ڪنهن قبوليو؟
جواب: رافع بن مالڪ.
سوال 314: مدينه منوره جو پراڻو نالو يثرب هو پر مڪه معظمه جو پراڻو ڇا آهي؟
جواب: مارڪواربا، بڪه، بطحا.
سوال 315: سال ۾ ڪيترا ڏينهن روزا رکڻ حرام آهي؟
جواب: 5 ڏينهن، عيدالفطر، عيدالاضحيٰ جا ايام.
سوال: 316: حضور ﷺ جي فتح مڪه ڪانپوءِ ڪهڙي جاءِ تي بيعت ورتي هئي؟
جواب: ڪوه صفا.
سوال: 317: ٻڌايو وياج ڪڏهن حرام ٿيو؟
جواب: سن 3 هه
سوال 318: شراب ڪڏهن حرام ٿيو؟
جواب: سن 9 هه
سوال 319: حضور ﷺ جن جڏهن مڪه معظم کان مدينه منوره ڏانهن هجرت ڪئي ته پاڻ ﷺ ڪيتري عرصي تائين بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهي؟
جواب: تقريبن 17 مهينا
سوال 320: حج اڪبر جو مطلب ڇا آهي؟
جواب: جيڪو حج جمعي جي ڏينهن ٿئي.
سوال 321: باب الريحان ڪٿي آهي؟
جواب: جنت جي ان دراوزي جو نالو آهي، جتان روزيدار داخل ٿيندا.
سوال 322: الله جي حڪم سان ڪهڙو فرشتو رزاق تقسيم ڪرڻ تي ذميوار آهي؟
جواب: حضرت ميڪائيل
سوال 323: ان غزوه جو نالو ٻڌايو جيڪو جنگ بدر کان نيڪ ستن (7) ڏينهن بعد ٿيو.

جواب: غزوه بنو سليم يا الڪدر.
سوال 324: حج ڪڏهن فرض ٿيو؟
جواب: سن 9 هه ۾.
سوال325: تيمم ڪرڻ جو حڪم ڪڏهن مليو؟
جواب: سن 4 هه ۾.
سوال 326: اسلام ڇا آهي؟
جواب: حجره اسود کي چمڻ.
سوال 327: "طهارت صغرا" ڇا آهي؟
جواب: وضو.
سوال 328: وضو جا گهٽا فرض ۽ سنتون آهن؟
جواب: 4 فرض ۽ 14 سنتون.
سوال 329: غسل ۾ گهٽا فرض آهن؟
جواب: 3 فرض آهن. (1) نڪ کي پاڻي ڏيڻ، (2) گرڙو ڪرڻ (3) سڄي بت تي پاڻي وجهڻ.
سوال 330: رسول پاڪ جن هجرت ڪڏهن ڪئي؟
جواب: 22 ڊسمبر 622ع ۾.
سوال 331: حضور ﷺ جن جي رحالت کانپوءِ اهل بيت خاندان ۾ سڀ کان پهرين ڪنهن وفات ڪئي؟
جواب: حضرت بيبي فاطمہ رضہ.
سوال 332: نماز استسقا ڪڏهن پڙهبي آهي؟
جواب: جڏهن بارش نہ پوندي آهي ۽ خشڪ سالي ٿيندي آهي.
سوال 333: حضور ﷺ جي عمر هجت وقت ڪيتري هئي؟
جواب: 53 سال.
سوال 334: قريش طرفان هڪ نمائندي حضور ﷺجن کي ڌن، دولت، هيرا، وغيره جي آڇ ڪئي هئي، ليڪن حضور ﷺجي اها پيشڪش نڪرائي ڇڏي، ان جو نالو ڇا هو؟
جواب: عتبہ.
سوال 335: ان جڳهہ جو نالو ٻڌايو، جتي حضور براق ٻڌي بيت المقدس ۾ تشريف فرما ٿيا؟
جواب: المراق. سفر معراج دوران جڏهن سڳورا بيت المقدس ۾ تشريف ڪٽي ويا.
سوال 336: حضور ﷺجن جو شجرو ٻڌايو.
جواب: محمد بن عبدالله بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف بن قصيٰ بن ڪلاب.
سوال 337: حضور ﷺ جن هڪ دستور سن 1 هه ۾ نافذ ڪيو، ٻڌايو تہ اهو ڪيترو ۽ ان جي اهميت ڇا هئي؟
جواب: 52 دفعات. دنيا جو پهريون تحريري دستور هو.

سوال: 338: "قار قليط" مان ڪهڙي مراد آهي؟
جواب: آنحضرت محمد مصطفيٰ ﷺجو عبراني نالو قارقليط آهي.
سوال 339: "حق اچي ويو باطل مٽجڻ واري آهي." حضور ﷺ جن هي الفاظ ڪڏهن ۽ ڪهڙي موقعي تي ادا ڪيا؟
جواب: فتح مڪ مڪرم جي وقت
سوال 340: حضور ﷺجن جي والد بزرگ جي آخري آرامگاهہ ڪٿي آهي؟
جواب: مدينہ منوره ۾.
سوال 341: حضور ﷺجي والده ماجده جي مزار ڪٿي آهي؟
جواب: مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ ابوا جي جاءِ تي.
سوال 342: معراج جي وقت حضور ﷺ جن جي ملاقات پهرين ڪهڙي نبي سان ٿي؟
جواب: حضرت آدم عليہ السلام سان.
سوال 343: جنهن حجره مبارڪ ۾ اسان جو نبي دفن آهي، اهو حجرو ڪنهن جو آهي ۽ ان ۾ ٻيو ڪير دفن ٿيل آهي؟
جواب: اهو حجرو حضرت عائشہ صديقہ رضہ جو آهي. اتي حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ حضرت عمر فاروق رضہ دفن ٿيل آهن.
سوال 344: حضور ﷺ جن کي آخري غسل ڪنهن ڏنو؟
جواب: حضرت علي ڪرم الله وجهہ
سوال 345: هڪ بزرگ هستيءَ کي هڪ سچو مسلمان سمجهيو وڃي ٿو حتيٰ ڪ اها شخصيت ڪنهن نبي يا رسول جي امت مان نہ آهي، حضور ﷺجن فرمايو آهي تہ قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ان بزرگ هستيءَ کي هڪ مستقل امت جي شڪل ۾ بيهاريندو.؟
جواب: حضرت زيد بن نفيل رضہ.
سوال 346: حضور جن هجرت کان پهرين ڪڏهن مدينہ منوره ويا هئا؟
جواب: پنهنجي والده ماجده سان هڪ دفعو ننڍپڻ ۾ ويا هئا ،صرف هڪ مهينو اتي رهيا.
سوال 347: هجرت جي وقت اسلامي مهينو ڪهڙو هو؟
جواب: ربيع الاول
سوال 348: "غمگين نہ ٿيو خدا اسان سان گڏ آهي" حضور جن هي الفاظ ڪهڙي موقعي تي ادا ڪيا؟
جواب: حضرت ابوبڪر رضہ سان هجرت جي وقت غار ثور ۾.
سوال 349: حضور ﷺ جن جو "احمد" پڻ اسلم مبارڪ آهي، ٻڌايو تہ قرآن پاڪ ۾ ڪهڙي سورت ۾ سندس ذڪر اسم "احمد" سان آيو آهي.؟
جواب: 28 سيپارو، آيت 6، سورة صف..
سوال 350: صلح حديبيہ ڪڏهن ۽ ڪنهن جي وچ ۾ ٿي؟

جواب: سن 9 ھ ۾ مسلمانن ۽ قريشن جي وچ ۾.
سوال 351: قرباني ۽ جهاد جو حڪم ڪڏهن ٿيو؟
جواب: 2 ھ ۾.
سوال 352: جيڪڏهن حج ۾ ڪا غلطي ٿئي تہ پوءِ ڇا ڪجي؟
جواب: هڪ ٻڪر ڪي ذبح ڪري خيرات ڪجي.
سوال 353: حضرت عيسيٰ ۽ حضرت محمد ﷺ جن جي وچ ۾ ڪوبہ پيغمبر يا رسول ڪونہ آيو، ٻڌايو تہ ان وچ واري عرصي کي ڇا چوندا آهن؟
جواب: دورِ فترت
سوال 354: دورِ فترت ۽ن وحين جي اچڻ وڃڻ واري عرصي کي بہ چوندا آهن، ٻڌايو تہ وحي اڪثر ڪٿي نازل ٿيندي آهي؟
